
نماڻ جا ماڻ

مالڪ مانجهي مرد ملاح - هر ڪنهن لاءِ هو شاهن شاهه
نمي نمي هر ڪنهن جو سيس - هر ڪنهن ني هنجي آسيس




ذماڻن جا ماڻ - ھاڻ بہ آھن پاڻ



سنت سر وهڻي بابا شيوارام صاحب اُداسين

جنم: ١١ آڪٽوبر ١٩١٦ برھم ليين: ٢١ اپريل ١٩٨٤

(پونم اَسو ١٩٧٣) [١٨ (ساتم) چيٽ ٢٠٤١]



بابا جن جي پونر هٿ اکري ۽ تان آءٌ سدا بلهار

نماڻن جا ماڻ - ڪنهن کان ڪين اڄاڻ




سنت سرمور بابا هريرام صاحب اُداسين

ڄمڻ:	ٻرهم ليِن:
٢١ ماگهه ١٩٣٣	٢٩ چيٽ ٢٠٠٤

تنهنجي ٻاجهه جو در کليل آ سدائين،
هريرام داتار - هريرام سائين.

- ڪمل پياسي

پوتر يادگيريءَ ۾



سرڳواسي شري موتيرام ٻيڏارام موهناڻي

سرڳواس تاريخ : 23-11-1986

راما ڪنفيڪشنري ورڪس

(راما بسڪيٽ)

سهجپور بوگها، احمدآباد - 382345

فون : 817381 - 817396



شري مهنت بابا گنگارام

بابا شيوارام صاحب اُداسين

نماڻن جا ماڻ

— آشيرواد —

رهم ليـن پوج بابا شيوارام صاحب

بابا هريرام صاحب اُداسين

۽

مهنت شري پوج بابا گنگارام صاحب

بابا شيوارام صاحب اُداسين

هري شيوا ڌام، ڀوپال گنج، روڊ نمبر-٢، ڀيلواڙا-٣١١٠٠١

رچيتا:

ڪمل ڪيولراماڻي "پياسي"

"هري شيوا" پلاٽ ٣٨٢/۴، سيڪٽر ٢٩،

گانڌينگر. (گجرات) ٣٨٢٠٢٩

ڇاپو پهريون سال: ١٩٩١

ڇپيو:

گرديو پرنٽنگ پريس،

ڪپڙ نگر، احمدآباد.

ڇپائيندڙ:

هريءَ جا داس

سائينءَ جا شيوڪ

پيٽا:

سڪ، شرڌا، سڌ ڀاونا

ـنهنجي پاران ......

وسمرت گهڙين جـي اوٽ زندگيءَ جي هر طرف
ن جهاتي پـائڻ ۾ مدد ڪندي آهي. منش وقت
ي وٿين ۾ جڪڙيل آهي. هو نه ڪڏهن ٻـه زمان
ن دور رهي نه سگهندو. وقت بادشاهه آهي. جـو
ڪلهه هو اهو ٻـه وقت هو جو اڄ آهي اهو ٻه وقت
هي. سياڻو ٻه سندس ئي آهي. البت سڀاڳا انسان
قت جي گهيري ۾ هوندي ٻه مڪت رهيا آهن ۽
نهنجيءَ زندگيءَ ۾ اهڙا ست پرش هئا برهم ليين بابا
ريرام صاحب ۽ برهم ليين بابا شيوارام صاحب.

سندن تصويرون منهنجيءَ دل ۾ براجمان آهن. هو
اتار هئا، ڪرتار هئا، ديا جـا ڀنڊار هئا. مايا کان
ور هوندي ٻه هنن هرڪنهن کي سيپهه ڏنو، سونهون
ٽيا ۽ جگياسين جـي زندگي سوارڻ لاءِ جتن ڪيا.
نهنجو سر سندن قدمن ۾ جهڪي ٿو.

هـن ڪتاب ۾ جيڪو ڪجهه آهـي اُهي صرف
نهنجون ڀاونائون آهن. دل ۾ اُتماند اُٿيا، جن ڪويتا
جو روپ اختيار ڪيو، البت دادا هري دلگير جـو
ـنجي نظر تي ڪتاب تي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

۲۶ جنوري ۱۹۹۱ — ڪمل "پياسي"

عنوان چٽر:
گھنشيام ”ساگر“

سهڪار:
ديال موهناڻي

ٽريم پيٽ جڏهن سنڌي سرسري،
ڪنديون پاڻ منظور ٿوري ذري،
سقل ٿيندي تنهنجي ڏنل حاصلات،
لکيو ٿو، اها پڻ ڏنل تنهنجي ذات،
لکيائين ٿو، منهنجي لکڻ ڪار آ،
ٽريم پيٽ، جيڪو هيءُ اظهار آ.

- ڪمل ”پياسي“

— سمپرڻ —

دين ديال- ڪرپال نندان
نماڻن جا ماڻ-
توهان جو ڏنو
ارپيان ٿو توهان کي.
مونکي گهرجي صرف
توهان جي ذات.

- ڪمل ”پياسي“

ـ بابا هريرام صاحب جيون ڪويتا ـ

(۱)

هري ٻي آهو، رام ٻي آ آهو،
مراري مٺو، شيام ٻي آ آهو،
آهو ستگرو، سام ٻي آ آهو،
ڪليل ٻي آهو، مام ٻي آ آهو،
سچو سنت سوئي سڀاجهو سڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(۲)

پڌگو ڳوٺ ۾ ٿيو عجائب لقاءُ،
سدورو سڀاجهو ڄڻيو ٻار ماءُ،
ٽنورام جي گهر الائي آهاءُ،
پکڙجي ويو خيرتي هڪ هٻڪاءُ،
دعائون ڪري ويو وسڻ گهوٽ چاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(۱) سام=آجهو، اوٽ پناه: مام=ڳجهو، پرولي، اکل
(۲) آها=پرڪاش: هٻڪاءُ=خوشبوء

ٻه اکر ...

پيارو ڪمل پوڄ بابا هريرام صاحب ۽ پوڄ بابا شيوارام صاحب جنهن جي جيون بابت جو ڪجهه شايع ڪري رهيو آهي، سو آشا آهي ته پڙهندڙن کي پسند پوندو ۽ سکيادائڪ ٿيندو. اڳ ۾ به پوڄ بابا هريرام صاحب جن جي جيون تي سندر ۽ سکيادائڪ لکي جس جو ڀاڳي ٿيو آهي. ستگرن جي مهر ٿيندس جو سندس قلم هن ڏس ۾ سدائين هلندو رهندو ۽ پاٺڪن کي سنتن جي سکيائن جو آنند وٺائيندو رهندو.

هري شيوا ڌام،
ڀيلواڙا (راجستان)

- هاسو ڪيولراماڻي
٢٦-١١-١٩٩٠ع

اچي جي سوالي ڪٿي ڪو سوال،
ته ٿئي سنت ڪرپال وٽ هو مجال،
ڏکين ۽ بکين لاءِ ڏاتر جو ڏاڻ،
هري رام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٦)

اچن سنت ساڌو، اچن مير پير،
اچن ملڪ والي، اچن پڻ فقير،
سوين سوکڙيون تن وٺان بي نظير،
مگر سنت ڪرپال وٽ سي حقير،
اچي چاهه، وڃي چاهه، رکي ڪير ڄاڻ،
هري رام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٧)

هو **جيوت** نماڻي ۾ شيوا جو پل،
گرو ۾ اٽل پريم شردا اجهل،
گرو جي وچن تي ادب سان عمل،
هٿي هٿ هلن، پر هٿي من لڳل،

---

٥) پال = قرب، مهرباني؛ مجال = قبول
٦) بي نظير = لاجواب، قيمتي؛ حقير = خسيس

(٣)

ننورام پائي بہ درويش تن،
وسط شاهه سائين جي جنهنکي شرن،
سڀي ستگروءَ جا سدورا وچن،
تہ ٻالڪ جو رهندو سدا مست من،
أتو ٻار جيوت اندر نج نڌاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٤)

پريا شهر ۾ سنت مشهور هو،
پريل سنت ڪرپال ۾ نُور هو،
تڙ ٻال جيوت کي منظور هو،
سندس پيار جيوت سان پرپور هو،
وڃي جت گرو، شش أتي ساڻ ساڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٥)

پريا ڳوٺ تي تيو پلاري جو پال،
اچي جيڪو دربار ۾ سو نهال،

---

(٣) نڌاڻ = نڌان، محلات، خزانو
(٤) ڪرپال = بابا ڪرپارام صاحب

سبق خوب محنت سندو پاڙھجو،
ھلو کيمت ڏي، کيمت آ سون - کاڻ،
ھريرام بابا، نماڻن جو ماڻ،

(١١)

اگر کيڙو کيمت، تيندي اپمت،
ڪريون تنهن مان دربار جي کل کپت،
کپت سان گڏ وگڏ ڪنداسين ٻچت،
ڏنائون اِھا ھاڻ پريمين کي مت،
ڪريو ڪرم، ڪنهنجي ڪيو ڪانه ڪاڻ،
ھريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٢)

عجب چا ته کيتي ۽ جو پيغام ھو،
ھتي خاص جي عام سان عام ھو،
مزي جو مزو، نام جو نام ھو،
صحت ساڻ پڻ فائدو جام ھو،

---

(١٠) ناڙڻ = نظر وجھڻ، تکڻ، ريس ڪرڻ:
جھاڙڻ = جھاڙ پڙھڻ
(١١) کپت = ضرورت، خرچ: ڪاڻ = غرض
(١٢) جام = جھجھو - رام پاڻ = اڻ گس تير، پڪو علاج

هتي هاج هردم، هتي نيار هاڻ،
هريرام بابا، نماڻ جو ماڻ.

(٨)

هينئر عمر جيوت جي پنجٽيهه (٣٥) تي،
نون (٩) جو هو آيو، نديو بار ئي،
سندس هاڻ شيوا قبولي ويئي،
مليس نت ڪرپال واري گدي،
۽ جيوت ڦري ٿيو هريرام هاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٩)

هريرام بابا گدي۽ جو ڌڻي،
جيڏن نانءُ وڌ، تيڏن نمرتا گهڻي،
هو ميوي پريل جڻ، پيو وڻ ڀڻي،
پوء پاڻيهي جنهن منجهان ڦل ڇڻي،
سو ميوو هو، جنهن ۾ مزو ۽ مٺاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٠)

ڇپائون، نه پيٽا مٿان پارجو،
نه پريمين جي ڌن مال کي تاڙجو،
نه ٿوڻا، نه ڦيٽا، نڪو جهاڙجو،

(١٥)

سنڌن واڪ ۾ ٽي وسيو ايشور،
ڇون جو ٻه، سوٽي ٽمي سر سبر،
لکل غيب جي ڪين ساري خبر،
ڏسي ٽي سگهيا، ڇا وهي ٿو اندر،
نه ٻيي هو ڇون، ٻاڻ آهيون اڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٦)

چيائون: نه زالون نه ٻيري ٻون،
تڪو پنهنجي درٻار ۾ سي گهڙن،
ضرور آ، اهي بد نظر کان بچن،
ڪي آدرش درٻار جا پيي هجن،
اَمڙ! تون پتيءَ کي اُي گرديو ڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ:

(١٧)

چيائون: ڇڪي خوب چوڙڻ کپي،
ڏهيءَ کي گهرن ۾ ولوڙڻ کپي،
گهرو ڪار سان سنگ جوڙڻ کپي،

---

(١٥) غيب = اڻڏٺل (آئيندو): واڪ = واڻي، وچن
(١٧) ڇڪي چوڙڻ = جند هلائڻ

مسڪين مـڙن واسطـي رام - ٻـاڻ،
هـريـرام بابا، نماڻن جـو ماڻ،

(١٣)

ٻڍي مـاءُ، بابا تـو شيوا ڪري،
ڏئي درس دارون دکن کي هري،
اَجهل پيـار پـائي تو هرڪو ٺري،
اَچي جو به بابا ڏي، خوش ٿي وري،
اُپوري رهـي آس ڪائي نه هاڻ،
هـريـرام بابا، نماڻن جـو ماڻ،

(١٤)

سخيءَ جي سخا جـو پيو ڊر ڪلي،
سندن دان جـي هاڪ وئي هلي،
سڳندي هوا ويئي گهر گهر گهلي،
ڪڏهن چـور خوني نـه آيا ٻلي،
اهي ٻي جهڪي ڪن وڏائي وڪاڻ،
هـريـرام بابا، نماڻن جـو ماڻ.

---

(١٣) درس دارون = ديدار جي دوا: هرڻ = دور
آپوري = اڻ پوري
(١٤) وڪاڻ = واکاڻ، ساراهه.

(٢٠)

چيائون: جني نام جو جاپ آ،
اُتي شڌ هردو، پُري پاپ آ،
تہ جي پاپ آ، ڪو نہ سنتاپ آ،
اُنهيءَ جي ديا جو نہ مپ ماپ آ،
اُنهيءَ ڪان وڌيڪ آ نہ ٻوٽي پراڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢١)

چيائون: لڪل دان سڀ ڪان سٺو،
آ همدرد انسان سڀ ڪان سٺو،
نمرتا سان ودوان سڀ ڪان سٺو،
نمرتا، ديا، ڌرم ٻن من مساڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٢)

چيائون: تہ تن کي ڪمائڻ کپي،
سدا سمپتيءَ کي وڌائڻ کپي؛
سچائي نہ ليڪن گنوائڻ کپي،
ڪمائي ولهن ۾ ورهائڻ کپي،

---

(٢٢) ڏاتر جو ڏاڻ = ڏاتار جي بخشش

ڦيگوڙين کان مٿهن پنهنجو موڙڻ کهي،
انهيءَ ريت ڙالن جي ٽيندي وڪاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٨)

ڄٽي يي ها، بابا! نڪت يا ته دور،
سڌي ڪير سڪ سان ته حاظر حضور،
گهري جنهن شرن، سوچڏيندا نه مؤر،
دکين جي دلين جو سڪائيندا سور،
پسائيندا پرتڪش، نوري نشاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٩)

گرو گرنت ٻاڻي عجب **امرتي**،
منجهس لڪشمي آ، منجهس سرسوتي،
چيائون: انهيءَ جي شرن جنهن وتي،
انهيءَ جي سدائين ٿئي پرگتي،
انهيءَ کي هتان ۽ هتان جي نڌاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(١٨) نڪت = نزديڪ، ويجهو: پرتڪش = صاف صاف
نشاڻ = نشان: نڌاڻ = خزانو
(١٩) وتي = ورتي: پرگتي = واڌارو

(٢٥)

هليا ويا، تڏهن ڀي هوءَ ايندا رهيا،
سڏيندو کي سڏ سڏ ۾ ڏيندا رهيا،
سندن نام جيڪي جپيندا رهيا،
اُچي ڪشت تن جا ڪٽيندا رهيا،
اُچن تو ته، گويا اتن کو وماڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٦)

هينئر سنڌ اندر رهڻ ٿيو ڏکيو،
هلڻ هند ڏي ٿي مناسب ٿيو،
هليو هاڻ هندن سندو قافلو،
لڳاتار جاري اِهو سلسلو،
ڀلا ڪير روڪي سگهي لڏ پلاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٧)

هينئر ڀيلواڙا ۾ دربار آ،
اتي ڀي ته بابا جو ديدار آ،
سدا پياس تن جي، سدا سار آ،

---

(٢٥) وماڻ = ومان، هوائي جهاز
(٢٧) وٿاڻ = جڳهه، شهر

ڏينهن سان ڏهوڻو ٿئي ڏاتر جو ڏاڻ،
هريرام بابا، ٺماٺن جو ماڻ.

(۲۳)

ڳڌيءَ تي چڱا سال گذريا هينئر،
ٻه سال چاليهه تي (۴۳) ٿيا گذر،
ڏني هاڻ سرڪار سڀ کي خبر،
ته يارهن ورهائي ڪنداسين نڪر،
چيائون: ورهاڱو نه ڏسنداسين هاڻ،
هريرام بابا، ٺماٺن جو ماڻ.

(۲۴)

سندن عمر هاڻ اٺهتر (۷۸) هئي،
سڄيءَ سنڌ ۾ هاڪ چوڌر هئي،
اکنڊ نام جي ڌن برابر هئي،
سماڌيءَ ۾ سرتي نرنتر هئي،
ارادو رکي، وها ملي برهم ساڻ،
هريرام بابا، ٺماٺن جو ماڻ.

---

(۲۳) ورهاڱو = ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ وارو

(۲۴) سرتي = ڌيان: نرنتر = لڳاتار، سانده

(٣٠)

اي بابا! جا دلگير رچنا رچي،
ڪوتا سا آهي برابر ڪچي،
مگر آهه ست ست ۾ شردا سچي،
ڪري قرب، ڪامل، قبوليو اچي،
اهوئي ڪچي مونکي ڏاتار ڏاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

ـ هري دلگير

بريو چايا،
آديپور. (ڪڇ)

(٣٠) ڪامل = پورن ستگرو

نوٽ: ذيل نمبر مصرائن جو نمبر ٿا ڄاڻائين، جن ۾
آيل ڏکين اکرن جي معنا ذني ويئي آهي.

اندر ۾ اِهائي لڳل تار آ،
سندن حڪم سان ئي وسيو هيءُ وڻاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٨)

اچا يي سي ڪاريه هلن ٿا اٿم،
اچا پي اٿي پيار شرڌا اٿم،
لکي پيلواڙي جي مهما اٿم،
شيوارام بابا جي شيوا اٿم،
سِين لاءِ پريل نيهن جا نت نياڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٩)

اي بابا، اوهانکي ٿو جيڪو سڏي،
نوازش سان تنهنکي ڇڏيو نا اڏي،
اوهان ڏي جو آيو ٻيا در ڇڏي،
انهن کي ڇڏيو پاڻ سان ٿا گڏي،
جهانن ٻنهي جا ٿين ٿا ڪلياڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(٢٨) نياڻ = تلاءُ، پرنيءَ، سرووَر
(٢٩) ٻه جهان = لوڪ پرلوڪ

ٿي ويندي تہ تڪليف ٿيندي. (دادا دلگير کي
ڀر پرٽا مليا، ڇو تہ ڪيس اهڙو وشواس هو ۽ لفافي ۾
موڪليل ڪويتا بہ باسلامت پهچي ويئي- باباڄن جي
هٿ ميا تي ويئي)

خير ناهي تہ توکي ڪيتري لنبي ڪويتا گهرائل
هئي، منهنجيءَ ڪويتا ۾ (١٨٠) سٽون آهن. اميد تہ
توکي ڪويتا نيڪ لڳندي. ٻہ ٽي ڏنهن لڳي ويا،
هن ڪوتا لکڻ ۾، پاڻ بابا آڇي سهاء ڏنا ۽
پنهنجو ڪم پاڻ ڪيائون. تون ڪوتا جي پهچ
ڏج ۽ پنهنجو رايو بہ ضرور لکي موڪلج. ڪوتا
لکڻ ۾ ڪجهہ تڪليفون آئيون آيون، جن مان مکيہ هي
آهن (١) روبرو درشن نہ ٿيو هو (٢) پيلواڙو بہ ڪونہ
ويو آهيان (٣) گرسهاڻيءَ جو لکيل ڇپيون چرتر ڪونہ
پڙهيو اٿم (٤) تنهنجي ڪوتا، جنهنجو ذڪر انگريزي
ڪتاب ۾ آيل آهي، سا بہ ڏيان ۾ ڪانہ آئي (٥)
انگريزي ڪتاب ۾ بابا جن جي مها سماڌيءَ بابت
هڪ لفظ بہ لکيل ڪونہ آهي نہ ڏيهہ جو انت ڪيئن
ٿيو (٦) بابا شيوارام بابت بہ ڪجهہ لکيل ڪونہ آهي
خير مون شرڌا سان لکيو آهي ۽ اميد تہ ڪوتا قبول
ڪندا. (هري دلگير- ٢٢-١١-١٩٨٢)

شاعر هري دلگير جي پريرڻا

(سندس آيل خطن جا حوالا)

١- بابا هريرام صاحب جي مهانتا اڳيان سر
جهڪايان ٿو. ڪويتا لکڻ لاءِ پريرڻا گهرجي. جڏهن
اُتساهه ڏيندا ته ڪويتا ڪن ۾ تيار ٿي ويندي. پر اڄ
ته اهڙو امنگ ڪونه ٿو ملي ۽ امنگ بنا ڪويتا ڪهڙي
(هري دلگير- ٩-٩-١٩٨٢)

٢- پريه پياسي- سدائين پياس وڌندي رهي.
تنهنجو خط ۽ ڪتاب "بابا هريرام" ٻئي پهتل آهن.
ڪتاب ٻيهر پڙهي، سٽ ئي ڪجهه لکي موڪليندس
دلجاءِ ڪج. اڳي ائين هوندو هو ته جيڪي چاهيندو
هوس، اُن ۾ من وجهي، ڪنهن به وقت، ڪجهه نه
ڪجهه لکي وٺندو هوس، پر هينئر من جي حالت
ڪجهه اور آهي. اڄ ڪلهه پنهنجي مرضيءَ سان لکي
ڪونه سگهندو آهيان. جڏهن لکائيندو آهي، تڏهن ئي
لکندو آهيان. مونکي وشواس آهي ته بابا هريرام
سائين پاڻ اچي سٽ سهاءِ ٿيندا. (هري دلگير -
٢-١٠-١٩٨٢)

٣- گهربل ڪويتا، اڄ جدا لفافي ۾ موڪلي رهيو
آهيان. ان ڪويتا جي صرف ڪاپي مون وٽ آهي،
جنهن ۾ پورو مواد ڪونه آهي. جنهنڪري هيءَ گم

ھر ڪنھن تي ھن جي رحمت،
پيار ڏيڻ ھن جي عادت.
سامھون جي طوفان وڏو ھو،
ھو پاري چٽان بڻي پيو.
ڪير وڌي سينو سھائي،
جو ٻه وڌيو تي، ويو ھارائي.
جو جو ھن جي در تي آيو،
تنھن جو ھن ٿي ياڇ ورائيو.
ھوءُ ھو مھر ميا جو مالڪ،
پاڻ ٿي پريو، پاڻ ٿي خالق.
جاپ جپڻ جو ڏئي سنديش،
ھوءُ ھو ھڪ پھتل درويش.
تاپ پري صورت سلطاني،
لالڻ لاکيڻو ھو لاثاني.
ھوءُ گوبند ھو، ھوءُ گرڌاري،
ھوءُ ٿي ڪرشن، ڪان مراري.
مھاوير، وڪرم ھو، پيارو،
ڪمت ڪئي، ڏئي سمت سھارو.
شنڪر، شيام ۽ ڪيسري نندن،
ھن جي تيج، اڳيان جڳ - وندن.
جيڪو ڪيس ڌيائي ڌر ڌر،
ڪيس ٿو پائي، دل جي آندر.

هري چالبسا

ڀاڳ ڀريءَ ڀومي تي آيو،
ڳوٺ پرين جو شان وڌايو.
هري روپ اوتار ڌڻي هو،
ٽهلو چمڪيو سون ڪٽيءَ جو.
ڪشٽ ڪٽي دک درد مٽائي،
ٻاجھ ڪري ٻاجھارو آهي.
رحمت وارو رب آ پيارو،
رهبر آهي، سو رکوارو.
اوچي هن جي آهي هستي،
هن جي دهشت، ذهنيت مستي.
هن جي ٻاڻي اَمرت اَمرت،
هي جي اعليٰ، عظمت شهرت.
هوُ هو روحاني انسان،
ڪري سگهي مشڪل آسان.
سڌس سڌيھ جو ڪونه هو ماپو،
هن ۾ ڪانه خودي، يا آپو.
هن جو حڪم، خدا جو نياپو،
جيءَ جڏي جو ٽيو جياپو.
داتهن سڻي جو داتا آهي،
بيواهن کي راهه ٻتائي.

جيڪو هن جا گڻ ٿو ڳائي،
هن ۾ پنهنجو ڌيان لڳائي.
پورڻ ٿيئي ٿي ان جي آشا،
هن کان ڪوهه ڀڄي ٿي نراشا.
سوامي هيءُ آ انترياميي،
سپنن ۾ ساکيات مدامي.
هري رام هر ڪارج سنواري،
جو جو هن جي اچي دئاري.
خلق جي خدمت، هن جي رحمت،
پيار ڏيڻ جي، هن جي عادت.
اڄ پڻ ياد دلين ۾ آهي،
ڪير سگهي ٿو ڪيس ڀلائي.
هريرام هو هر سک دائي،
ڪشٽ مٽي، جا پيڙا آئي.
ساڌن سنتن جو رکوارو،
ڀڳتن جي لءِ ساهه کان پيارو.
هڙئي ذات اڳيان سر منهنجو،
ڪيئن نه سو پيو هر هر جهڪندو.

- ڪمل پياسي

جيڪو هن کي ياد ڪري ٿو،
ان لئي هو ٻاجھ ڌري ٿو.
هر ڪنهن لاءِ هن راهه ٻڌائي،
ڏک، سک، ۾ ٿيو، سنگهه سهائي.
هن جي ڌاڪ ڌي هاڪ،
هن جا ٻول ساڀي ماڪ.
سمڪ سمڪ جي، هن کي سرتي،
هن جي جڳتي، مهان جڳتي.
هوُ ته ديالو، ڏيندو ٿي هو،
ڀيد نه ذات پات جو رکندو.
سادو ورتڻ، سادو پهرڻ،
سادو ٻولڻ، اوچو سوچڻ.
سر تي صافو، چادر اوڙهي،
مک سان رام نام پيو سوري.
هن جي هٿي هر ريت نياري،
مهاٻلي هو، سرج ٻهاري.
هو هڪ اسراري انسان!
هن جي مهما آهه مهان.
پڙهندو جيڪو **هري چاليسا**،
تنهن جا سڀ ڏک دور ٿي ويندا.
سمٽي ايندي، سمپٽي ايندي،
راڄ ڀاڳ ۾ اُنتي ٿيندي.

پتا ڪئي آسپس.
وءَ ڪئي رکشا، ڪرپا ڪئي ڪرپارام.
ت انتهڪرڻ جو سنديش مکيو، سهارو مليو، پل مليو.
نهن اون رکي، تنهن راه ڏسي
پار پناه ڏني.
يوت جي جيوت بدلجڻ لڳي
نپ هڪڙو پرگهٽ ٿيو
ڪومل ۽ نازڪ جذباتي پنکڙين کي
هنجيءَ چاهت سان چنبڙائي،
حسوس ڪيائين پنهنجيءَ سڳند کي ڦهلجندو
ڳند کي ڦول اندرئي جذب رهڻ جو آديش ڏنائين
شال سڳند ان جي اندر سمائجي ويئي
سندس گڻ وايو منڊل ۾ پکڙجڻ لڳا.
ساري فضا موهجي ويئي
عيتي ڇڏيائين جيون کي پنهنجي پريم واس سان
ڊيا جو دوار کلي پيو
سندس مٺڙي وهنوار ۽ چٽ چور چلت
من موهي ڇڏيا منش جا.
اسڪولي تعليم جي ضرورت محسوس ڪانه ٿي
گروءَ جي ڪرپا سان گرمکي سکي ورتائين
گرو گرنٿ جي واڻي ڪنٺ ٿي ويس.
ائين ٿي پڌيءَ جو پرڪاش ٿيو،

ريکا چندر

— هري جيون درشن —

ايڪونيهين ماگهه، سنبت اڻويهه سو ٽيٽيهه،
ڏن ٿيو اهو ڏينهن
ٻالڪ **جيوت** جو جنم ٿيو.
منڙي ماتا جي گود ڀري
۽ ڀاونا پورڻ ڀڳت
ڀاڳشالي ٿيو سندس پتا تدورام.
چؤڌر ڪليا ۽ پرڪاش ڦهلجي ويو
سندس سڀاڳي درشن سان.
بند مکن جا کلي پيا دروازا
۽ گگن منڊل جي لهرن ۾ ڦهلجي ويو آواز.
چنڊ جي روپن ڪرڻن
وڇائي پاون ڌرتيءَ جي مٿان
سونهري، جڳمڳ ڪندڙ چادر
پرڪاش ڦهلجي ويو چوڌاري
سڳند ڦهلجي ويئي منڊل ۾
پشپن جي وچ ڪڙي پيو،
نئون نرالو دويه پشپ رتن.
گرو ڪرپارام گهري ورتي ٻالڪ جي ٻانهن
گد گد ٿي گود ڪئي خالي ماتا

ھاداڻي ۽ منٿو گياني
ھنجي ڀريوءَ جي ڇپر ڇانو ۾ رھيو.
رو رتن ھو سندس سوامي ڪرپارام
ن جي چرنن ۾، جن جي نيڻھن نگاھہ ھيٺ
ڻھن جي اوجل جل سان وڌندو رھيو
ور تتا جو پشپ سڳندي،
ابا ڪرپارام جي باغيچي جي ان گل جي
ھر ھند تي واکاڻ
ھيڏانھن ھوڏانھن، ھيٺ مٿي، ارد گرد،
ڌرتيءَ کان آڪاس تائين
جس وڌڻ لڳو
گرديو جي رھبريءَ سندس زندگيءَ ۾ زيب ڀريو ھو
راھہ ڏيکاري ھئي، ڏني ھدايتس استرتا
آپياس، من ۽ چيتن ۾
ھر منش جي شيوا ۾
ڪنور ساڌنا تپشيا ۾.
ڦھلايو بابا پريم جو پرڪاش
سکيا ڏنائين- راھہ ڏسيائين
پراون کي به پنھنجو ڪيائين
ڏيکاري ديا جي درشٽي،
شانت ڪيائين پياس جگتياسين جي...
ھريءَ جوت جڳائي

انتهڪرڻ شڌ ٿيو.

پَر راڻي ڪويتا هئي سندس داسي

لفظن ۾ هئي لالڻ جي لياقت

شيوا پنهنجو اصلي روپ اختيار ڪيو، سچو ٿيو ساڪ

گرهستين جي گهٽيل حالت ڪي ڏسي

دکين جي دکن جا داستان ٻڌي

گهرجائن جي گهرن کي مان ڏيڻ لاءِ

هو ڏيندو رهيو پنهنجي آسيس

پنهنجيءَ مهر، پنهنجيءَ ديا ۽ ٻاجهه جا پريل ڀنڊار.

جيوت تي پيو روپ **هريءَ** جو

جڏهن **پنگو بهڻ** چڙهي، **پرين** ۾ اچڻ ڪانپوءِ

پائي گروءَ جي ڪرپا، هو ٿي پيو **”هريرام“**.

سڪ جو هو صاحب! سنيهه جو هوُ ڏاتي!

جنتا ۾ جدار ڏن هو ۽ نر ۾ هو نارائڻ.

پرپوءِ لاءِ سندس من جي اڌام

ڪنڍن جو دوُر ڪرڻ ڪين چاهيندي هئي

پرين جي پوميءَ کي، هن سمجهو ڌرتي ڌڻيءَ جي،

اُهائي ٻڻي سندس تپ پومي،

جيڪا اهڙو پشپ حاصل ڪري هري پري ٿي پيئي.

پرم تپسوي سنت —

ويراڳي ۽ اوڌوُت —

نج اوتار — ڀنڊار ديا جو —

گنڀير هو اڳ جو جيوت، هاڻ جو هري گرو،
وچي رهيو هو شايد —
ريرَ ته ناسونت آهي ئي
يهه ڪي مٽائڻي آهي پوشاڪ
امر آهي آتما.
تما آهي اُها، جا نه مري ٿي نه جمي ٿي
ڌهن ڪيس لڳو ته سندس ستگر
امهون ٻيٺو آهي، مشڪي رهيو آهي، آٿت پيو ڏئي،
ڻي رهيو آهي، شانتيءَ جي لڪل آنچل سان :
"کهڙيءَ هرڪر ۾ آهين هري ڀڳت؟
ڇا پيو سوچين؟
مان ته هت ئي آهيان-
تنهنجي نزديڪ ئي آهيان."
ڪ پرڪاش جي ريکا ڦهلجي ويئي
وهه جو پڙدو هٽي ويو.
يو ڪيو هريرام
ندس گرديو واسو ۾ اُتي آهي
ندس ئي پر ۾ آهي.
رت جي روپ ۾
نيالو **بابا هريرام**، پنهنجي گرديو بابا ڪرپارام جو،
م پريوءَ وارو پد
يا، ساڌنا ۽ گيان سان

دوراندیشيءَ، عقل منديءَ سان
جهونا ٻنڌڻ، رسمون ٽوڙي
جهونا پستڪ پوٿيون لوڙهي
پنهنجو پاڻ ٿي پاڙڻ ڪاڻ،
هو جگديش ٻڻيو جگداتا،
جهڙو منڙو منڙو نالو
تهڙا هن جا گياني گڻ.
پرتندي ٿي پشپ رتن هن،
سچ جو ٿي پرچار ڪيائين
راهبر جي راهبريءَ جو ڪيس مليو هو مارگ درشن
ڌرم جو پرچار ڪيائين
سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو ڦهلاءُ ڪيائين
اڌياتمڪ شڪتي پائي
سچي سادڪ ۽ يوگيءَ جي روپ ۾
برهمچريه جو پالن ڪيائين.
هر اُپلاشا جي احساس سندس سواگت ڪيو
۽ ان کان پوءِ
جڏهن مهاسماڌي ورتي بابا ڪرپارام
ماندو ٿي ويو هو مها منڊل... وايو منڊل
شرڌالو هئا شانت، پر....
شرڌا ڳوڙها ڳاڙيا ٿي.
هوا شانت هئي،

هرائي تو هوا جي لهرن کي
ماڌين جي سامهون ڪڙو ڪيل "ڏوج ديوتا"،
سماڌين جي پنيان آهي ڏوٽي صاحب،
ڳن واري آهي اها پيوتي
ڳن واري آهي اها پومي
ت سماڌين جو ٽيو استاپن.
ڳن وارو آهي پيلواڙو
ڳن وارو آهي اهو ديش
ڳن وارا آهن اهي مش
ن جي من مندر ۾، اَڄ ٻه هو وسي ٿو.

- ڪمل پياسي

اوچ ڪوٽيءَ ۾ ويٺو اُداسين، ڪرم يوڳي
روحاني رهبر.
ڀڳتن کي آئت ڏنائين
نرڌنن جو ٿي پيو ڌن پتي
سنتان ڏنائين انهن کي
جي سڪندا هئا اولاد لاءِ.
هر ڪنهن سان هو هنڪي پيار
ذات پات جو ڀيد نه هو ڪيس،
اَڄ به چاڪي ٿو هيءُ سنسار
ان پرم-آتما کي
ان مهمت مهاتما کي
مڃي ٿو هن جي شڪتيءَ کي
سر جهڪي وڃي ٿو آدر سان، شرڌا سان، نياز سان،
جن جي فقط يادگيريءَ سان
هٽي وڃي ٿو من مان گمان
اَڄ به براجمان آهي
سنت اهو سچارو
لڪائي ويٺو آهي لوڪن کان، پاڻ کي
اُهو مهاپرکي- اُهو مهاپرکي
اَڄ هيءُ هري مندر
ڏئي ٿو سنديش، سنڌس ڪرپا جو، مهر جو.
نئون جوش- نئون امنگ ڪٽي

هري سمرتي

بيت

● سمرتي

جنهن لاءِ مون هيءَ جيوت ساري،
ويهي ويهي واٽ نهاري،
تنهنجي ياد سدا سنڪاري.

(١)

صوفين واري هن جي سرتي،
سنياسين جيئن سادي ورتي،
داتا دين ديال سوامي،
ساهه ساهه ۾ سندس سمرتي،
شڪتي شالي شاهه قلندر!
رتي سڌيءَ جو مالڪ دلبر!
ٻاجهه گهران ٻڌجي سنساري.

(٢)

پاو نيل ڪي لهرون نرمل،
جنهن تي تاري ڪشتي ڪومل،
پو ساگر مان ڪيندو پاهر،
تمنا منهنجي - هنجي توڪل،
سچ جي منزل - هنجي مايا،

— هري سمرني —

[بيت، دوها ۽ ڏڻي]

تارن ۾ تنهنجي مانداڻ،
هير هسنت جي ناچ نچي،
وري وري "هري" نام جپي،
هر رت تو لاء رونق واري.

(٦)

ڪيسين سڪ ۾ ساريان مان،
گهڙيون اڪيليون گهاريان مان،
ايندين منهنجون آنسون اگهندي،
راتيون ڏينهن نهاريان مان،
چت ۾ چوراڻ من مايوسي،
ياد جون پلڪون اڄ ٻي پياسي،
دور ڪندين - دل جي لاچاري.

باقي ڪوڙي ڪوڙي ڪايا،
هڪل سندس هئي حشمت واري.

(٣)

ڦهر تي مهر وسائڻ وارا،
دک کي سک ۾ ناهڻ وارا،
تنهنجي ڏاهپ ڪير ڏو جاڻي،
ڪک مان لک بڻائڻ وارا،
تنهنجي ياد ڪلي ڪيڪاري،
درشن ڏيندي هڪڙي ڏهاڙي،
مان مگتو - پر تون ينداري.

(٤)

تنهنجي مک تي گهري واڻي،
عجب عجائب تنهنجي ڀاڻي،
اَج ٻ ذهن تي تازي آهي،
گيتن جي تنهنجي پٽ - راڻي،
روح کي راحت سان ريجهايو،
آتم ڏن جو مينگهه وسايو،
تي گرداري - موهن مراري.

(٥)

شهر، نگر، ٻن ۾ واڪاڻ،
پن، گل، نارين ۾ سرهاڻ،
گگن منڊل ۾ تنهنجا گيت،

ڪڙ ڪڙ ۾ هيءَ وائي،
هري رام سک دائي.

(٥)

نش، شيوڪ ۽ شيواڌاري-در تنهنجي جا ٻٽيا ٻڪاري،
اڏائين ٿا، واڄهائين ٿا، مڳنا ماٺهو هي سنساري،
تن جي پياس ٻجهائي،
هري رام سک دائي.

٢-

ساک...

(١)

باغن جـي سرهاڻ هري، ڦولن جـي لالاڻ هري
هر موسم تـي هنجو ڏيرو، ٻن ٻن ۾ ساواڻ هري
وڏي سندس وڏيـائي،
هري نـام سـکهـ - دائي.

(٢)

طوطو هن جي لاءِ ٺهواري-مور مست ٿي پنکهہ پساري
ڪانءُ، ڪبوتر، مئنا، بلبل-هر پنڇي ٿو هنکي ساري
قـابـل سندس ڪمائي،
هري نـام سـکهـ - دائي.

(٣)

پل پل توکي پسون پڪارين - گايون گاٻا ٿا ٻاڪارين
مٺش سنڌءِ مهما ۾ پورا - ياڊين جـا ڪڙتال وڄائين
أستت آٿـن إهـائـي،
هري نـام سکهـ - دائي.

(٤)

کيت کوهہ ۽ جوڙيل جايون - وڻ ٽڻ ٺهڪجون مدايون،
تول ۽ وياڪل هير بستي-هيڄ هٽن مٺ مست فضائون،

(٥)

ٻــاغن جـــي سرهي سرهاڻ،
چنڊ جـــي هوُ روڻي چانڊاڻ،
هـرهنڌ هنڌي لء گلڪاري،
هـــري مـراري - هـــري مراري.

(٦)

هـرهـڪ يـگہ ۾ شـــل ٻاڏايـــان،
ڪنهن تـــہ سمي آخـــر ۾ پايـان،
گهوريان هن تـان جندڙي ساري،
هري مـراري - هري مـراري.

٣ــ

هري مراري

(١)

هري رام جـي مـورت وانـگـر،
هري شـيـام مــورت وانـگو،
هري هــو گوورڌن گــرڌاري،
هري مـراري - هري مـراري.

(٢)

هري پــون پـت هنومان هــو،
هري لڪس سيــتا مهان هــو،
بــندرابن جــو بــرج بـهــاري،
هــري مراري - هــري مراري.

(٣)

جــڳ لء هوُ هــو جيون داتــا،
هن هن لء هــو پــاپ وڌاتــا،
جنهن جــي مهر سدا هئي نياري،
هري مـراري - هري مـراري.

(٤)

گـگن منــڊل ۾ ٽـمــڪن تــارا،
هي بــ هريءَ جا سـڪا سونهارا،
انبلت هن جــي سوڀيــا واري،
هري مـراري - هري مـراري.

غزل

● وشواس

مورت ٿئي ٿل سالڪ هردم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟
هري هجي ٿل مونسان همدم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟

١- هردي منجهه هندورو ناهيم -
خيال جي خوشبوء لڳايم،
ايندي ٿيندي مصطر موسوم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟
٢- ايندئن، پاون ٿيندي ڌرتي -
ايندين مون ۾ اهندي سرتي،
ايندين ڏر ٿي پڇندو آڏرم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟
٣- ستگرو منهنجو انترِيامي -
صاحب منهنجي سر جو سوامي،
ٿيندو منهنجي هردي حاڪم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟
٤- ڪير چوي ٿو مون وٽ ناهي -
منهنجيء دل ۾ هردم آهي،

-٤

● هري رس پيالا

پيئو پيئو هري رس پيالا،
جيئو جيئو بڻي متوالا.

(١) هنجي هستي سنگ عجب آ،
رام سان ارپجهيل رنگ عجب آ،
هر هنڌ هن جا ڍنگ نرالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(٢) هنجي ڌرتي - هنجو ساگر،
سڀ ۾ سهڻو سانيل گوهر،
پيار ڪري هو، آهي آعلي،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(٣) اُڀ ۾ هن چنبڙايا تارا،
وشو پشپ هن لء پيارا،
پاو ڌريون تا پولا پالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(٤) منڙي صورت - سهڻي سيرت،
هن کي پيار ڪرڻ جي عادت،
تڙڦن خيال بڻي، بي خيالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

● اُپاسنا

اوريان اوِريان سائين منهنجا - مالها سوريا شيام،
تون گرڌاري، پاڻ مراري - تون منهنجو گھنشيام.
- دل جي اوناهيءَ ۾ دلبر! هڪڙي آهه اکير،
ٻن جون راهون رلندو آيس - ڳولهڻ هڪ گلفام.
- تنهنجي نور نگاهن ۾ شل - هجي سدا آسيس،
ناچو بڻجي تنهنجي ڪاڻ - نچان صبوح ۽ شام.
- سک جي سوکيم ڦولن سان مون-تولءِ سيج سجائي،
نرم وهاڻو نورت جو - چت جي چادر تي آرام.
- واءُ هجي، وسڪارو بيشڪ-گرمي، سردي، سيارو،
دَرِ جو داس بڻي ٻاڏايان - خادم آءٌ مدام.
- هريرام اوتار گرو تون - تو بن منهنجو ڪير؟
چائنت جو مان چاڪر بڻجي - ور ور ڪيان سلام.
- جت جت ستگر پيرا پاتا - خاڪ بڻي ڪستوري،
مهڪن وائون، سدا امر ٿئي - وايوءَ ۾ وشرام.
- ويدن جي ڪيئن واڻي سمجهان-گيتا ڳوڙهو گيان،
مان ته "هري" هڪ لفظ اُچاري-تنهنجو ٿيان غلام.
- پار برهم پرميشور سائين! پل پل آنءُ پياسي،
شل نه ڪڏهن هن مک مان وسري-سالڪ جو ستنام،
- منهنجا گيت، غزل ۽ وايون-تنهنجي لءِ شل جرڪن،
لفظن ۾ آ تنهنجي ليلا - ڪيئن ٿيئن بدنام.

قرب رهي تو اُن سان قائم-
مونکي ٻيو ڪجھ ڇا گھرجي؟
٥- چت ۾ جوڙيم هڪ آکيڙو -
جيئن اچي تون ناهين ڏيرو،
ياد ۾ رهندين داتا دائم -
مونکي ٻيو ڪجھ ڇا گھرجي؟
٦- مونکي آهي تار اندر ۾ -
صورت تنهنجي آهي نظر ۾،
ايندين ايندي پياري پونم -
مونکي ٻيو ڪجھ ڇا گھرجي؟
٧- پلڪ پلڪ جي پياس لڳائي -
گھڙيءَ گھڙيءَ ارداس اهائي،
ياد ڪندين داتا تون دم دم -
مونکي ٻيو ڪجھ ڇا گھرجي؟
٨- ستگرو موسان ٿئي سهائي -
مان ٻيوس تون منهنجو واهي،
اگر اگهائيءَ پياسي خادم -
مونکي ٻيو ڪجھ ڇا گھرجي؟
٩- منهنجي من مندر جا داتا -
توسان منهنجا پڪا ناتا،
اوچو تنهنجو آهي مهاتم -
مونکي ٻيو ڪجھ ڇا گھرجي؟

جي تن هيٺو ۽ ڏن هيٺو،
ته من ٻيٺو ڏيڻ چاهيان،
ڏريان ٿو پيٽ شبدن جي،
قبولي راهه ٻر آهي.
سڪان ڪيڏو ۽ سارِيان ٿو،
سٽي سائين مهر وارو،
پٿر آهي، پٿر رهندو،
نه جيئين ڪيس تاريندو،
صدق آهي ۽ پڪ آهي،
جو داتا دان ور آهي.

-۳

دعا جو اثر

گروءَ جا گيت ناهڻ ۾، دعا جو ڪو اثر آهي،
سڀاڄهو سو سڌي سائين، جهليو جنهن جو مون در آهي.

۱- نه منهنجي آهه ڪا ڌرتي،
۽ نه منهنجو آسمان آهي،
مگر هنجي ڇپر ۽ ڇانءَ،
مون لاءِ سرڳ گهر آهي.
۲- نه پنهنجو پاڻ ڪجهه آهيان،
نه منهنجي آهي هستي ڪا،
انهيءَ ڪامل جي ڪرپا ئي،
سڀو مانداڻ جڙ آهي،
۳- ڪيو مون ياد آ جنهن کي،
نه پڪ هو ڇو وساريندو،
اسين هت ناسونت آهيون،
مگر بابل اَمر آهي.
۴- نه وسري ٿو، وساريان ڇو،
سدائين ياد هو آهي،
وسائي بوند رحمت جي،
جي ان آهي، بحر آهي.

ن

● آذوري پياس

...ءا پري پل پيار سڀاجهل، ٿيندي آس نه موري،
منهنجي پياس آذوري.
...ون ئي سچ جي مورت آهين، باقي دنيا ڪوڙي،
منهنجي پياس آذوري.
...رتا ڪرتا - دانا بينا، تون سمجهين مجبوري،
منهنجي پياس آذوري.
...نهنجي نور نگاهن ۾ آ، پريت سمايل پوري،
منهنجي پياس آذوري.
...ڻين جي هيءَ مالها ناهي، پيت ڌريان سموري،
منهنجي پياس آذوري.
...نهنجيءَ ذات جو طالب آهيان، منهنجي چاهه ضروري،
منهنجي پياس آذوري،
...هري چوڻ سان هانءُ ٺري ٿو، هر دي رهين حضوري.
منهنجي پياس آذوري.
...ارن ۾ تون ٽجلو آهين، ڦولن جي ڪستوري،
منهنجي پياس آذوري.
...سورج جي سونن ڪرڻن پٺ، تو لاءِ مالها جوڙي،
منهنجي پياس آذوري.
... درشن پياسي دم دم ساريان، دانهن تنهنجي دوري،
منهنجي پياس آذوري.

٥- ● آس

راتيون روز نهاريان ويٺي،
آس اندر ۾ ڌاريان ويٺي.

١- ٿون صبوح ٿيئن آشا آٽي،
ان لاءِ روز نهاريان ويٺي.

٢- سورج ٿيندو ٿون سنديش،
هر پل ڪيس پڪاريان ويٺي.

٣- پکي پکيڙا پر ڦهلائي،
ايندا، ڪين وساريان ويٺي.

٤- ڪانگل بولي ڪان ڪان هن لاءِ،
تنهن سان من وندرايان ويٺي.

٥- گايون، مينهون راهه نهارين،
تن تي هٿ ڦيرايان ويٺي.

٦- ڪٽي ڪبوتر ويندو هن ڏي،
خبر اُها سيڪاريان ويٺي.

٧- ساجن جي لاءِ سيج پلنگ تي،
عطر عنبر ڇنڪاريان ويٺي.

٨- هر هر **هري-هري** تي بوليان،
پنهنجو مکڙ وندرايان ويٺي.

٩- دل ۾ سانڍيل سور صدين جا،
ڳايان ۽ گونجاريان ويٺي.

١٠- گردش لاءِ **پياسي** دم دم،
جو ڳڻ جيان، گذاريان ويٺي.

روپ آنوپ

(١)

...هنجيءَ ياد جو سور،
...هم سان مٽجي نه ٿو،
...نهن ڏنم ناسور.

(٢)

...واب نه، تنهنجو جيون،
...يوت هڪ حقيقت،
...ج لاءِ جيوت ارپن.

(٣)

...ارن ۾ تصوير،
...پ ۾ آ اوجل اها،
...الب لاءِ تعبير.

(٤)

...ضيءَ ۾ هڪ پير،
...ال ۾ آئي ڏوکي،
...اڳي پيئي اڪير.

(٥)

ڪڏن پيا احساس،
سوري سوري سمرتيون،
وات ڏسي ارداس.

(٦)

مونين گهومت پر ياڻي،
پريت ڪي اهڙا پور،
چاهه ڪي آس اهائي.

(٧)

رات ڪي تنهنجي سار،
ڏينهن ڏکيو ٿي گهاري،
وقت جي ويٽي ڄمار،

(٨)

پريت نه ٿئي پراڻي،
هردم هريءَ جو نانءُ،
وائي اها اڳهائي.

٢-

جاڳي ڪانئيم رات

١- ڏينهن ته ڏسندي ڏسندي گذريو، مٿان پيئي پرڀات،
جاڳي ڪانئيم رات.
٢- ڪيڏا ڏيپ جلايم، ايندين صاحب تون ساڪيات،
جاڳي ڪانئيم رات.
٣- ور ور وامن نهاريم ٿي، جيئن پيٽ ٿريان جذبات،
جاڳي ڪانئيم رات.
۴- ارپيان ارمانن جي مالها، چاهت جي سوغات،
جاڳي ڪانئيم رات.
۵- آءُ! ته اوريان الجهن پنهنجي، پلڪان ڪن برسات،
جاڳي ڪانئيم رات.
۶- تن تنبورو من جي ويڻا، لنؤ لنؤ پولي لات،
جاڳي ڪانئيم رات.
٧- برهه جو بادل ڇم ڇم ڇٽڪي، برسائي برسات،
جاڳي ڪانئيم رات.
٨- گيتن جي پٽ راڻين ڪاتر، شبد ٺيا بارات،
جاڳي ڪانئيم رات.
٩- سونهري سورج جي ڪرڻن کي پڻ تنهنجي تات،
جاڳي ڪانئيم رات.

٥- باغن ۾ ساواڻ،
تنهنجي مَن ۾ تاڻ،
تنهنجي ياد ستائي.

٦- باغن ۾ بهارا،
سندرتا وارا،
تنهنجي ياد ستائي.

٧- باغن ۾ درخت،
چانئون هارين پٽ،
تنهنجي ياد ستائي.

٨- باغن ۾ هيرون،
ٻڌڙا ۽ سيرون،
تنهنجي ياد ستائي.

٩- باغن ۾ مانداڻ،
ڏينهن ڏني چانداڻ،
تنهنجي ياد ستائي.

١٠- باغن ۾ گل ڦل،
تنهنجا ڪڙيا اصول،
تنهنجي ياد ستائي.

١١- باغن ۾ رابيل،
توسان دل جا ميل،
تنهنجي ياد ستائي.

(٩)

پَن پَن جو پرلاءُ،
تنهنجو ڏئي سنديش،
تون ئي پرم پتا ۽ ماءُ.

(١٠)

تنهنجو روپ انوپ،
تنهنجو نور نزاڪت،
پياسيءَ لاءِ سوروپ.

هورو

● ياد

١- باغن ۾ سرهاڻ،
تنهنجي آ واکاڻ،
تنهنجي ياد ستائي.

٢- باغن سرهو واءُ،
تو لاءِ ترقي ساهه،
تنهنجي ياد ستائي.

٣- باغن مجھ بهاري،
تون ئي گوورداري،
تنهنجي ياد ستائي.

٤- باغن پونئرن پير،
تنهنجي آئن اڪير،
تنهنجي ياد ستائي.

- ٻاغن ۾ هرهنڌ،
مشڪي پيئي سڳنڌ،
تنهنجي ياد ستائي.

- ٻاغن ۾ سهڪار،
ٻوڙ جهلين ٿا جهاڙ،
تنهنجي ياد ستائي.

- ٻاغن جي عادت،
ڏني سدا راحت،
تنهنجي ياد ستائي.

- ٻاغن جو آنيم،
پياسيءَ جي لاءِ پريم،
تنهنجي ياد ستائي.

- ٻاغن گڏجي ٻيلهه،
سنئين ڪيائون ڇيلهه،
تنهنجي ياد ستائي.

- ٻاغن ۾ آکيڙو،
هريءَ ٺاهيو ڏيرو،
تنهنجي ياد ستائي.

١٢- بـاغـن ۾ بـلـبل،
تنهنجي يـاد آچل،
تنهنجي يـاد ستائـي.

١٣- بـاغن ۾ جـي مور،
ڪڪيون هڻن سي ڪوڙ،
تنهنجي يـاد ستائـي.

١٤- بـاغـن ۾ طـوطـو،
تنهنجو ڏئي هوڪو،
تنهنجي يـاد ستائـي.

١٥- بـاغن ڳاڙهـا بـير،
تنهنجا چاهين پير،
تنهنجي يـاد ستـائـي.

١٦- بـاغن ۾ زيـتـون،
سـي ئـي افلاطون،
تنهنجي يـاد ستـائـي.

١٧- بـاغن ۾ ڪي انب،
پلڪ پلڪ ۾ رنـب،
تنهنجي يـاد ستائـي.

١٨- بـاغـن ۾ بـرسات،
بوندون نين سوغات،
تنهنجي يـاد ستـائـي.

● شان پريو سلطان

(١)

ري ڇڏيم گھوٽ تان، پنھنجو سارو ساھ،
ٽين تي آس ڪري، سڀھي پيو ويساھ،
قي ڪيان پساھ، اھڙي عالي شاھ تان.

(٢)

منڊ جي واءُ ڪي، پنھنجي پنھنجي ٻوءِ،
ن جي ھر ٻور ۾، ساڳي آ خوشبوءِ،
جھي چاھ صبوح، ٻون ٻور ٻرين جا.

(٣)

ڄي ھٿ ۾ ٻاڳ جي، اڪبر ويٺي اڪير،
ڪي آ وشواس، پڪ جوڙيندو تقدير،
ق ۾ آءُ حقير، ھو شان پريو سلطان آ.

(٤)

ٽن کي سارين ٿا، واءُ، ھير، طوفان،
ليون ڇيڙن ڇيڄ سان، ھن لاءِ منڙي تان،
جا لک احسان، ڪير وساري ڪين ٿو.

(٥)

ڌ جي ھڪ ڪنڊ ۾، وڻ تي ڪي بادام،

● هيڻن جو همراهه

نگاهن ۾ نعمت ديا جي نظر ڪر،
تون داتار سائين، سڀني تي مهر ڪر.

١- مان عابد، تون اعليٰ، مان خادم، تون مالڪ
دکن ۾ دکيءَ جو، سٺائو سمر ڪر.

٢- سجدو سدائين ڪيائين تنهنجي در تي،
خدا خاڪ چاهيان، اميدون اَجر ڪر.

٣- چاهت نه ڪائي، نه چنتا اهائي،
ڪبي جا دعا، سا دعا پر اثر ڪر.

٤- انڌارو انڌارو، مان ڀرپوڪ آهيان،
انهيءَ رات ڪاريءَ کي جلدي صبح ڪر.

٥- سپنن ۾ توکي سدائين تو ڳولهيان،
وچايم ته ڪوهيل سمر تيون اَمر ڪر.

٦- دنيا ۾ اَڻ نگا، سوين پيچرا پر،
منزل ڪي پايان، تون سولو سفر ڪر.

٧- هيڻن جو همراهه، نيندين هري تون،
مدايون منا، رب ڏٺي! درگذر ڪر.

(٢)

سائين سرجڻهار، منهنجا رب ڌڻي!
مون لاءِ سون برابر آهي، تن جي چرڻ پٽي!
لاهان لت لڳن کي، توڙي هڪ جٽي،
هن لاءِ حب گهٽي، منهنجيءَ دل دماغ ۾.

(٣)

سائين سرجڻهار، جيڪو مانجهي من جو ميت،
ساهه ساهه ۾ دائم آهي، سائين سو سرجيت،
مهر ڪري پيو مالڪ حقيقي، جو آ خود جڳ جيت،
منهنجو ساهه سنگيت، دم دم ساري شيام کي.

(٤)

سائين سرجڻهار، اڳيان مان سيس جهڪايان چون،
جنهن کي هردم ٿي رهي، منهنجي ايڏي اون،
اتم اُنجو آسرو، بيو ڪو بيلهي ڪون.
هار هنئين جا سون، گهوريان جو سڀ ٽورڙو.

(٥)

سائين سرجڻهار، آهي هو اوچو انسان،
مالڪ ٿيو مهروان، پر مان بالڪ هڪ نادان،
صدق اتم، وشواس ٿم هو ڀڳتن ۾ ڀڳوان،
پل پل ڌيان، آهي منهنجي من ۾.

ساون مان ڳاڙها ٿين، قدرت ڏني انعام،
سهڻا اهڙا شيام، تون ٿي خالق خلق ۾.

(٦)

اکڙيون نير وهائي، رستا ڇڏڪارين،
ايندو جنهن جنهن راهه تان، سي راهون صاف ٿين،
پنبڻيون پوپرا ڏين، پرين لاءِ اوسڙ ڪندي.

(٧)

سائين تنهنجي سار ۾، ڪيڏا گذاريا ڏينهن،
آءُ اڪيلائيءَ وچان، ياد ڪيان سي نينهن،
بادل آڻين مينهن، وسن آنءُ وهنجي وڃان.

(٨)

اونهاري جي منڌ ۾، در تي لنڊو ڪانگ،
ڪان-ڪان هن جي ٿو ٻڌي، اُمنگ ڏني اُچانگ،
پياسي ٻڌان سانگ، رنگي وسنر عشق ۾.

٢-

● سائين سرجڻهار

(١)

سائين سرجڻهار، دکي هري روپ اوتار،
هلندو واڳه وٺي هو منهنجي، سائين ست ڪرتار،
ار پيم جيڪي مون وٽ آهي، شهدن جو ڀنڊار،
مانجهي ۽ ملهار، ٻئي هو تاريندا هن پار.

وهـا

● شرڌا

(١)

ل هري همراهه ٿيندين، تون ٻڪين ٻڪ نگهپال،
ڪيئن ڀلا ڪنهن ڏانهن نهاريان، تون ئي داتا ۽ ديال.

(٢)

ل جو دروازو ڇڏيم کولي، اچي آس ڪرين،
مان سڪان سڪندو رهان، شل اچين جلدي اچين.

(٣)

تون وياپڪ من اندر، ۽ تون ئي هردي جو ڏيئو،
تون سهاپڪ، تون سٻاجهل، لال پائج هڪ ليئو.

(٤)

سڀ سوارٿ جا سنگي، هڪ ٻي سوارٿ تون هري،
جيئن وٽيئي سار لهجانء، اوت ۾ آهس لڙي.

(٥)

مان نبل آهيان نماڻو، تون سٻاجهل ٻاجهه ڪر،
موهه مايا کان بچائج، منهنجا مالڪ راهبر.

(٦)

کوڙ جي ڪٽ کوڙڪي ۾، مان جڏهن ڦاسي پوان،
تون بچائج، ڪشٽ لاهج، تنهنجي چرنن کي چمان.

(٦)

سائين سرجڻهار، آهي هردي جو سينگار،
تنهنجي در تي هيءُ ٻندو، ڏتڙيل ۽ بيمار،
ساعت ساعت شل ملي، ٻيو تنهنجو هڪ آڌار،
مونکي پار اُتار سائين، مهر ڪجان هر مهل تون،

(٧)

سائين سرجڻهار، آهي جنهن تي منهنجو ننگ،
جاڳان توڙي ننڊ ۾، جوڙيل هن سان سنگ،
از غئبي آنند ملي، ٻڌي سندس ستسنگ،
چت تي چاڙهيم رنگ، هنجي هر سهڪار جو.

(٨)

سائين سرجڻهار، آهي ڏيندو پنهنجي ذات،
ڏيندي هو ڏکجي نٿو، پڇي نه ذات ۽ پات،
سهج ڏئي اُو هر سمي، ڏينهن هجي پرڀات،
ازغئبي سوغات، ڳجهي ٿو ڏئي سدائين دان ۾.

(٩)

سائين سرجڻهار، آهي جنهن لاءِ اَنتم **پياس**،
هنجي نسام اُچار ٻنا ٻي سڀ آ بڪواس،
منهن نه موڙي ٿي مونکان، هن لاءِ ڏکندڙ آس،
منهنجا سڀ احساس شل هنجي حاجت ۾ هجن.

● وندنا

(١)

...ڪريان ٿو تنهنجي در تي، صاحب منهنجا سائين!
...شيوڪ تون سوامي منهنجو، مون سان شل نڀاهين.

(٢)

...ٿي اَنت اَپار ديالو، پار نہ تنهنجو پاتم،
...ٿس ۾ هر راھ ۾ سائين! شيوا رنگ لڳايم.

(٣)

...ڪجاڻ تون منهنجا مالڪ، مونکي ٿس ڏيکارج،
...سمرٿ، تون سنمک سائين، اُجلو تيج لڳائج.

(٤)

...قولن ۾ ڪچڙو آهيان، تون شاهن جو شاھ گرو،
...جڳديش مان جوڳط ٻڌجي، تڪيان پيو ٿو راھ گرو،

(٥)

...ست سائين سرجڻهاري، هتي هتي وسرام ڪري،
...رڪي ٿو، پالڪ آهي، شرڌا ڪو نشڪام ڪري.

(٧)

ٽون پنا جو ڇانورو ۽ ٽون ئي جيڃل جو اُجهو،
هنج ۾ ڏو گنج ٿاهين، گنج ۾ سڀ ڪجهه جهجهو.

(٨)

ٽون سمت ويساهه ڏي، ٽون نام چت ۽ ڌيان ڏي،
تنهنجو شيوڪ ٿي رهان، اهڙو ڏٽي ٽون دان ڏي.

(٩)

ڀاڳ ڀرين جا ڪليان، ڀڳوان جت ساڪيات هو،
جنهن ڏنو، ڏيندو رهيو، هر ڏينهن جو، هر رات جو.

(١٠)

مان نمان، هر هر نمان، نمندو رهان شل نياز مان،
شل، سڄڻ جي سار ۾، همدم رهان همراز مان.

(١١)

مان ته بالڪ جي طرح، هٿ هٿ ٻيو ٻنگڙا ڀريان،
تو سواءِ ڪنهنڪي ڇوان، هِن درد لاءِ ڪنهن وٽ وڃان.

(١٢)

مٺهن وارو نام تنهنجو، دل اندر دائم رهي،
پريت جو پينار پياسي، پياس شل قائم رهي.

— هري رام —

هري رام - هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

اهو جو پورب جي جوتي،
اهو جو ساگر جو موتي،
اهو جو گنگاجل هو،
نپل لاءِ آتم بل هو،
جڏن کي جان ڏنائين،
دکين جا دک مٽائين،
کري دلين اندر وسرام.

هري رام - هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

منو محبوب دلارو،
نزاکت ۾ هو نيارو،
روح ۽ رب کي پائي،
ويو هڪ وات پڌائي،
جگت ۾ جيئڙ وارا،
سب هن جا ٿي نظارا،
مک تي نام مدام،

هري رام - هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

(٦)

هري نام جو جاپ جپيندس، تن، ٻڌي، من شيتل ٿئي،
پوءِ ساگر کي پار ڪرڻ لاءِ، پاڻ اچي تو ساحل ٿئي.

(٧)

مٿرا، ڪاشي، بندرابن ۾، جهاتي پاتم، توکي ڄاتم،
هر هڪ ڪنڊ، تيرٿ مٿ ۾، صورت تنهنجي پاڻ سڃاتم.

(٨)

هر هر ٿي مونکي چيڙائي، منهنجي مجبوري لاچاري،
مهر ڪجي، ڪرپا جا قادر، ٻاجھ ڪجي، گر گرڌاري.

(٩)

آءُ اداسي، ٻڌي پياسي، موج ۾ مون گڻ ڳاتا،
مورت ۾ آ صورت شاهد، پختا هن سان رهندا ناتا.

- شيوا سمرتي -

هري پريم، هري شيوا

(١)

داسن جو ٿي داس رهيو،
گيان، ڌيان ۽ شيوا،
هن جي برڪت، هن جي دهشت،
هن جي اصليت ڇا؟ ڇا؟

(٢)

باغن جي سرهاڻ بڻيو،
۽ هر موسم ۾ مور،
ماڻن ۾ هو ماڻ بڻيو،
ٿي هري پيگمس چت چور.

(٣)

آتم گياني - انتريامي،
پريم جي گنگا ڌارا،
سدا سکاني - سرو سوامي،
هاڪ پريا - هاڪارا.

هري + شيوا = رام

گلابي گل جي سڳنڌ هڪ ۾، ٻيو موتئي گل جي سرهاڻ،
هڪ ۾ ڪستوريءَ جي خوشبوءِ، ٻيو ٻہ چڻ آ موتين ڪاڻ.

هڪڙو ڀاڻ ڏٺي داتار، ٻيو آ سڀ جو سرجڻهار،
هڪ غمن جو هٿيار، ٻيو چڻ آ ماڻڻ جو ماڻ.

هڪ ۾ پريو پسيو پئي، ٻيو ٻہ، ٻيو ٿو ٻاجهہ ڏئي،
هڪ، جنهن پاڻ سڃاتو هو، ٻيو چوي: ”تون پاڻ سڃاڻ“.

هڪ هو مات پتا ۽ داتا، ٻيو ٻہ دين ديال پرانا،
هڪ ۾ حشمت هاڪاري، ٻيو ٻہ جاڳي ڪين اجاڻ.

هڪ جو ساد ورتڻ ڀورڻ، ٻئي جو سادو جيون ماڻڻ،
هڪ هو رام اوتار هري، ٻيو چڻ شيوا جو پرماڻ.

رحمت هڪ جي هئي ڪرامت، ٻئي جي ٻخشڻ واري عادت،
ديا جو داتا ٻهريون سالڪ، ٻئي ۾ ٻهرين جو اهڃاڻ.

هڪ جي همت واري ورتي، ٻئي جي قادر جهڙي ڪرتي،
هڪ هو موهن پاڻ مراري، ٻيو ٿيو راڌا هن جي ڪاڻ.

هڪ هو اُپ جو وهائو تارو، ٻيو پي آ پريوءَ جو پيارو،
ڪيڏي ٿن ڪي تسلا تئي ٿي، ٻاجهہ ڪري ٻاجهارو پاڻ.

پلڪ پلڪ ۾ پياس اُهائي، گهڙي گهڙيءَ اداس اُهائي،
جڳ ۾ هوندا داتا دائم، هيءَ سنڌُ عضبي مانداڻ.

● آپار مهما

تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(١)

جو تو ۾ ڪجهه سڃاتو،
ان ۾ "هريءَ" کي پاتو،
موتي مليا تي مڪ مان،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(٢)

تنهنجا وچن - خزانو،
توڙانهن جهڪيو زمانو،
تون ۾ هئي نه "مان- مان"،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(٣)

تون سادگيءَ جي مورت،
سرهي رکئيه تي صورت،
سڪ سار واري سيما،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(۴)

مهر ڪيائين - سڀ بخشيائين،
سڀ جو پالڻهار -
پنهنجو جيون ڄڻ گهوريائين،
جڳ جو ڪري اڌار.

(۵)

هر ڪنهن لاءِ مالڪ پالڪ،
هر ٻالڪ جي ماءُ،
رتي سڌيءَ جو ڄڻ سنڀالڪ،
سڀ جو لهي سماءُ.

(٦)

منهنجي لاءِ هو شاهه پرين،
پل پل جو ويساهه پرين،
اکين اڳيان تصوير اڇي ٿي،
لهندو هو - ساڃاهه پرين.

(۷)

اداس منهنجون نظرون پياسي،
اداس منهنجا گيت ٺٺي پيا،
پرين ٺٺيو پرديس جو واسي،
پٽڪيل آهيان ڪٿ ڪٿ ڳولهيان.

جي دربار پيڪي، خوب راجستان ۾،
اڙو ٿيو پيارو - سائين شيوارام جن.

وچن ڪاشيءَ، پريءَ گرنار ۾ راميشور،
روءَ جو تيرٿ سارو - سائين شيوارام جن.

۾ قادر ڏنو، امرت پريو آواز ڪو،
ماکيءَ جو ڦوهارو، سائين شيوارام جن.

کي دلگير جي سڌ ٿي وڃي، هيءُ سرومڻي،
جو ٿئي سهارو، سائين شيوارام جن.

جڳتي، ڇا ته ڀڳتي، ڇا ته شڪتي هئي سندن،
گهڻو دلبر دلارو - سائين شيوارام جن.

جي جيون سنارل لاءِ هن شيوا ڪئي،
جو ڳوڙهو اشارو - سائين شيوارام جن.

ساڌن، مهنت يوگين جيان رهيا ويراڳ ۾،
سدائين ڌيرج وارو - سائين شيوارام جن.

پارس جي اندر، پا ديش پارس ڪان پري،
ڪٿي وهنوار سارو - سائين شيوارام جن.

(۴)

گفتن ۾ گيان ڏاڍا،
فلسوف وچن پيارا،
هردي اندر هنڌايان،
تنهنجي اپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(۵)

تنهنجي سماج شيوا،
هر ڪي ڏئي دعا سا،
تنهنجي هٺي مان چاهيان،
تنهنجي اپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

۳-

● سائين شيوارام صاحب

پاڪ پڪتيءَ جو پنڌارو - سائين شيوارام جن،
سادگيءَ ۾ پرڻ سونهارو - سائين شيوارام جن.

جنهن ڇيو، سڌ ۾ سدائين، آءٌ گڏ، آهيان سدا،
سو هٺو اوتار پيارو - سائين شيوارام جن.

پاڻ پرپوءَ ڪي سڃاتو، ۽ سڃاڻي خوب جاتو،
دل گهريو داتار نيارو - سائين شيوارام جن.

بابا شيوارام سائين

(١)

من جي مونجهه مٽائڻ وارا،
چت چنچل ڀلائڻ وارا،
غم ۽ ڏکڙا لاهڻ وارا،
سچ جو نام جپائڻ وارا،
ڻجي پاڻ پيو نشڪام، بابل سائين شيوارام.

(٢)

ويو پراڻ سڀ من ۾ اوتي،
گيتا گيان اندر ۾ گهوٽي،
گر ٻاڻيءَ کي ڪين موڙي،
جاپ جپائي جاچي جوٽي،
ر پل تي هنجو وسرام، بابل سائين شيوارام.

(٣)

غئبي گياني، اونهو داتا،
يوگ وديءَ جا راز سڃاتا،
برهم گيان سان وچتر ناتا،
ڳجهو رهيو هيءُ پاڻ وڌاتا،
ام "هريءَ" جو مک تي عام، بابل سائين شيوارام.

۴-

روشن راهہ ٻڌائي ويا

شيوا جو شڌ ڀاءُ ٻڌائي، هريءَ سان من هرکائي ويا،
پريم اگن جي جوت جڳائي، روشن راهہ ٻڌائي ويا.

(١)

جو سو چيائون سو سمجهائون، ان تي عمل ڪرڻ لاءِ حاضر،
جيڪو عمل ڪيائون، ان تي عمل ڪرڻ سيکاري ويا.

(٢)

ست چت آنند پراڻ سوامي، آهہ اگر هو انترياميءَ،
هو آ ياد سدا هر پل ۾، تن ۾ تار لڳائي ويا.

(٣)

نور نگاهن وار يون اکڙيون، ياد اچن سي پياريون اکڙيون،
ڪين سي وسرڻ وار يون اکڙيون، جن سان گهاءُ لڳائي ويا.

(۴)

مهر جا ميگهہ وسائڻ وارا، ٻپ ۽ سنسا لاهڻ وارا،
ڪنهن سان ڀيد نہ ڀاوَ رکيائون، ياد جي چڻنگ لڳائي ويا.

(٥)

هري روپ اوتار ٻڌي هو، آهو هت اسرار ٻڌي هو،
اڄ بہ سندس آ صورت سامهون، ٻاڻ ۾ ٻاڻ ٻسائي ويا.

(٦)

مهاپرش هت مهر ڪري ويو، هري رنگ ۾ ٻاڻ رنگي ويو،
سار سڀ سمجهائي صاحب! "پياسي" من ترقائي ويا.

(٧)

تپسيہ رشي هو، راڄ رشي هو،
ٻرهم رشي سرتاج رشي هو،
مهنت مها مهاراج رشي هو،
تپشيا تيڄ ۾ تاج رشي هو،
منترو منترو سندس ڪلام، بابل سائين شيوارام.

(٨)

هر ڪو من جي در جو پياسي،
هن جي چائنٽ جو اَبلاشي،
هت ئي متهرا، هت ئي ڪاشي،
جتي وسي خود ٻرج نواسي،
ٻٽي پيو آ سرڳ جو ڌام، بابل سائين شيوارام.

● سائين سرووياپڪ

سدائين نمي پيا پريو سو سلام،
اَٿو سرووياپڪ، سائين شيوارام.

(١)

اَڄان پاڻ هرهنڌ آ حاضر حضور،
سڌيو سڪ منجهان، ڪين آهي سو دور،

(٤)

ڀولا ڀوم ڀڄائڻ آيو،
سڀ جا ڪرم ٻڏائڻ آيو،
وهم اُجايا لاهڻ آيو،
من جي مونجهہ مٽائڻ آيو،
نمان صبوح ۽ شام مدام، بابل سائين شيوارام.

(٥)

جادو هر جيون ۾ آندو،
قرب ڪي هن ڪرمن ۾ آندو،
نشچو هن ڌرمن ۾ آندو،
چڻ تہ عطر ڦولن ۾ آندو،
چڻ پاريو ٿي هن انجام، بابل سائين شيوارام.

(٦)

هو رحمت، هو برڪت وارو،
هن جاڻي جو ڪيو اُڌارو،
برهمڇريہ جي قول کي پاڙيو،
سڄي گروءَ جو سچو پيارو،
ور ور وارڻا آءٌ سلام، بابل سائين شيوارام.

پيلائي ڇڏ پائين تي ھرڪو قصور،
مگر پاڻ نھ تو نمائو ضرور،
لڪي ليا ڪا پائي ڏئي پيار جام،
اٿو سرو ويا پڪ، سائين شيوارام.

(٥)

سماڌ ين تي جيڪو جھاي ٿو پلاند،
ٿئي آس پوري ۽ پوري مراد،
اُنھيءَ کي آ سائين سدا ھردي ياد،
اندر جنھنجي آھي گروءَ جو بنياد،
پياسي شرڻ ۾ صبوح توڙي شام،
اٿو سرو ويا پڪ، سائين شيوارام.

—٧

● پاڻ جاڏي پاڻ کي

(١)

موھ مايا کي تياڳي پاڻ ئي ممتاز ٿيو،
آرت پرمارٿ جي ڳجھ گيان ۾ پرواز ٿيو،
بي زباني جي زباني جو لڪل آواز ٿيو،
راز جي پڙدي کان باھر پاڻ ئي ھمراز ٿيو،

هر ڪنهن جي هردي اندر جنهن جو نور،
رکي صدق جاچيو تنهن، آهي ضرور،
ڪنن ۾ تنهن جو گونجي سدا جنهن جو نام،
آئو سرو ويا پڪ، سائين شيوارام.

(٢)

ممبئي، باندرا يا هجي حيدرآباد،
پشاور، بنارس، دهلي، احمدآباد،
نياپي چٺيءَ سان ڪري پاڻ ياد،
گروءَ جي وچن جو چکائي سواد،
دعا ۽ ديا جا ڏنائون انعام،
آئو سرو ويا پڪ، سائين شيوارام.

(٣)

پڪاري، اُنهيءَ جي ٻڌي تو پڪار،
سٽي سڏ اُنهيءَ جو آ جنهن کي تنوار،
مٺيا روڳي، روڳين دکين جا هزار،
کيائين تي پريمين جو ڪيڏو اُڌار،
ڪري ياد هرڪو تنهن کي مدام،
آئو سرو ويا پڪ، سائين شيوارام،

(٤)

ڪرامت ڪرڻ کان رهيو ڪوهه دور،
مگر غيب نظرن سان ٿيو دور سور،

ڻ لاڙاڻي ڳڏڻ سان گيان جي پل ٿي ٿئي،
ڇپن مٿي سنسار مان هن موهه مايا جو ڪڍيو،
ان ماڻڻ لاءِ هن ڪرمن قلعي کي هو اڏيو.

(٥)

ڻي وڏو نالو "هريءَ" جو ڪين ڏک اهندا اڳيان،
ڪشٽ ويندا سڀ مٽي، پنهنجن پيارن جي مٿان،
وئي آهي جو لڳائي لڳ پيو هر راهه تان،
اپ ڪرمن کان ٻچائي پاڻ ٿي تو دائمان،
هن سنديشي ۾ سندس آسيس جو پرتاپ هو،
ات ٻڳڙيل کي ٻڌائڻ جو ڳجهو ڪو جاپ هو.

(٦)

ڏيان سان جيڪو ڏيائي، سو ٿئي تو آباد ٿئي،
سک ملي، سنتوش، همت سان سدائين شاد ٿئي،
ڏيان ۾ شيوا هجي ۽ گيان ۾ گر ياد ٿئي،
ڪنهن جگياسيءَ لاءِ جڳت ۾ چاهه جو بنياد ٿئي،
چاهه ڏاري چت اندر جو پاڻ جاڳي پاڻ کي،
پاڻ ۾ تو هو پسي، ان پياس جي سرهاڻ کي.

شاهہ سلطاني سچو سائي ٻڌيو همراهہ هو،
جو ٻڌيو دل جو دلاور سو پڪو ويساهہ هو،

(٢)

لوڀ لالچ کان پري انسان هيءُ سلطان ٿيو،
ديهہ ڌاري پرم پرميشور اصل ڀڳوان ٿيو،
نور نوراني سدا، نشڪام نگهبان ٿيو،
وقت سان وکہ وکہ ملائي وقت جو اعلان ٿيو.
پنهنجي شخصيت ۾ أصل اهميت ڀرئو درويش هو،
جن سڃاتو، تن چيو، هو پاڻ ئي آبليس هو.

(٣)

هر سمي هن پرٿيوانن تي رکي نوري نظر،
آپدا، الجهن ۽ آفت وقت سائين ياد کر،
جنهن مٿان آ آسرو، سوئي کندو سڀ تي مهر،
ياد کر ان کي، جنهنجو آهہ، هت هت ئي اثر.
هوئي هڪ آهي ٻندن جي درد جي اصلي دوا،
هوئي آهي جو سدا ڏيندو پيو آهي شفا.

(٤)

شدوائي مان سندس ٿي ڌار أمرت جي وهي،
لوڪ آيا ٿي ٻڌڻ لاءِ پيلواڙي ۾ کهي،
ديوتا پرلوڪ مان پڻ پاڻ آيا ٿي لهي،

مان تنهنجي در جو داس بڻيس،
تون هيڻن لاءِ وڏان هٿين.

(٢)

تو ٻڪڙيو نوو نگاهن ۾،
تو جڪڙيو پيار جي ٻانهن ۾،
ٻڪڙي تنهنجي چيچ آتم،
جيئن پار لنگهائين رامن ۾.

(٣)

جون ديا جي لاءِ ٻاڪاريو ٿي،
تو دعا جي نظر نهاريو ٿي،
ٻ ان ڪان پوءِ اشاري سان،
هر هر پاڳ سنڀاريو ٿي.

(٤)

هُو لٺ وارو، تون همٿ وارو،
هو حشمت، تون همت وارو،
ٻنهي ۾ ڪوئي فرق ڪٿي آ،
هو گيان گرو، تون ڪمت وارو.

(٥)

تو صدق وڏايو، شاه هٿين،
تون سنت سچو شهنشاه هٿين،

٨-

● خودئي خود خدا نڪتا

خالق کان ۽ مالڪ کان، هر چاهڪ کان مٺا نڪتا،
ڪري سنڪار هر سڄ جو، جڳت ۾ جي سچا نڪتا.

١- جنهن سمجهو انهن پاتو، الاهي نور اکڙين ۾،
منش جي ڏيهه ۾ جڙ هو، خود ئي خود خدا نڪتا.

٢- رب جي رمز کي جاڻي، منش جي موهه کي پاتو،
پريت جي ريت سان سوامي، فنا ۾ پڙ ٻٽا نڪتا.

٣- جلويدار جڳت ۾ جي، رهيا ٿي دور جهنجٽ کان،
جڏن جيون لاءِ جي گهوري، بنا سوارٿ سدا نڪتا.

٤- ساست کان پري، سنتوش ۽ سنڪار ۾ گهاريو،
سيڻن جي لاءِ خدا ٿيندي، نمرتا جا بندا نڪتا.

٥- عالم جي وجوديءَ ۾، وجودي پريم جي ماڻي،
محبت ۾ سدا هر پلڪ ۾ جڙ هو نوا نڪتا.

٩-

● ياد ڪريون

(١)

تون پاڻ وڏو وڏوان هئين،
تون موهيندڙ انسان هئين،

● اهڙو نہ ٻيو ڪو هو

ٻڌيو جو گيان جو ساگر،
آتـــاهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

۽ ڇولين مان ڇڪي آندو،
مـلاح اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

ڏسيو ڏس جنهن هو هيٺن کي،
گـواهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

ٻڌيو جـــو سنت نرموهي،
پنـاهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

گناهن تي ڍڪي پڙدو،
الاهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

اڌين جو ٻڌيو هو داتا،
شـاهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

پياسيءَ کي پرکہ ڏيندڙ هو،
ويساهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

جنهن منزل تي تون پهچي وئين،
"هري شيوا" جو وساهه هئين.

(٦)

اَج پل پل توکي ياد کريون،
۽ ياد کري ٿا آهہ ڀريون،
تو لال لکل ٿي گهاريو پر،
اَج تنهنجو ئي ٿا ڌيان ڌريون.

(٧)

سائين تنهنجي سهڻي صورت،
هري پريم جي مهڻي مورت،
دل ۾ ان جو آهي ديرو،
ڇو نہ دلين جي آهين دولت.

(٨)

جيئون گهاريئہ المستيءَ ۾،
جوڳين واري اُن هستي ۾،
جن جي منزل انتهہ مستيءَ،
پر تون پوڳي درستيءَ ۾.

دکہ لاهج

ب توکي ياد ڪن دانا، انهن دأسن جا دکہ لاهج،
ارپيو پـاڻ آ توکي، انهن کي پـاڻ دڳہ لائج.

(١)

ان جي راهہ جا رهبر، اسان کي واٽ ڏس سولي،
پياريون شوق سان سائين، اسان هيٺن کي همٿائج

(٢)

و ٽي نام جو جيڪي، خماري ۾ رهن هردم،
هن جي مست مستيءَ ۾، انهن مستن کي رلجهائج،

(٣)

ڪنو قربان سر توتان، سمت سرويچ ڏي سائين،
ـگن جو ننـگہ پڪ مالڪ! الاهہ المست اوپائج.

(٤)

ڻي ڏوري اسان توکي، هلائج پنهنجي هيٺن کي،
ل آهيون نہ ٻل ڏي تون، ۽ ڪمزورن کي ورسائج.

(٥)

نيا جي ٻي نمائي داغ، دوکي کـان ٻري رکجانءِ،
ڪو ويري کونہ آڏو ڏئي تون دشمن سيڱي موٽائج.

(٦)

لائج پورڳہ دنيا جـا، چرن تنهنجا رهـن چت ۾،
ون پنهنجي پاونـا ۾ رکہ، پـرم پوڙ ۾ نہ پنچلائج.

١١-

پريم جو پيغام

شوق سان شيوا ڪئي، شيوا ۾ شيوارام ٿيو،
هو سدا سرهو رهيو، هر ڪم اندر نشڪام ٿيو.

١- هن هريءَ کي خوب ڄاتو، هن اڳيان سجدو ڪيو،
انکري اَڄ پاڻ ٻريو روپ ۾ گهنشيام ٿيو.
٢- نيڪ ناميءَ جو جهنڊو، هن جو سدا بلند رهيو،
لوڪ واسين لاءِ لالڻ، پريم جو پيغام ٿيو.
٣- هن چيو: آهي سماڄين ۾ لڪل سڀ جو ڌڻي،
هن اڳيان هر هر پڪاريو، جو رحيم ۽ رام ٿيو.
٤- جن ڏني آ جاءِ دل ۾، تن جو خاوند ٿي پيو،
مشڪلاتن ۾ پڪاريو، تن لاءِ پڻ آرام ٿيو.
٥- سڪ، شرڌا ۽ صدق، ڇا نہ ٿو پراپت ٿئي،
ٻاجھ ٻاجهارو ڪري، پوءِ خاص ڀي پڻ عام ٿيو.
٦- مهر جا مالڪ وسائي، مينهن پل تن جي مٿان،
ٻي اڄهن، دردين، دکين جي دل اندر وسرام ٿيو.
٧- جي پياسي ۽ اداسي سڪ رکي هن ڏي ويا،
تن جڏن، محتاج، مانوَن لاءِ سندر شيام ٿيو.

سائين شيوارام جن

ياد آ هردم اندر ۾، سائين شيوارام جن،
گهر سندس من جي مندر ۾، سائين شيوارام جن.

هو گيانن ۾ گياني، هو اُداسين ۾ ڌياني،
دان ڏيندڙ پاڻ داني، سائين شيوارام جن.
رهت واري رهت رهڻي مشڪ هنجي پاڻ مهڻي،
قرب واري قول کهڻي، سائين شيوارام جن.
نظر ۾ جادوگري ۽ دل ديا جي هُن ڌري،
تياڳ هن جو سرسري، سائين شيوارام جن.
هو هئو انسان اوچو، پوء ڀٽيو ڀڳوان اوچو،
مهلقا مهروان اوچو، سائين شيوارام جن.
نبض يگ جي هن سڃاتي، وقت جي هن ڀار جاتي،
پوء اُها گيتن ۾ ڳاتي، سائين شيوارام جن.
هو آنانن جو سوامي، هو ستيه اهنسا جو حامي،
مهر هن جي تي مدامي، سائين شيوارام جن.
مان گهٽيون ۽ گهيڙ پيٽيان، هٽي هٽي هروار ڳولهيان،
شل ”پياسي“ ڪيس پايان، سائين شيوارام جن.

١٣-

● لاٽ شيوارام جي

اَج فضا ۾ گونجي ٿي لاٽ شيوارام جي،
سار وٺي هر هر ڪري ٿي، بات شيوارام جي.

١- هو مٺو محبوب هو ۽ خود هريءَ جو روپ هو،
شبد واٽي ٿي پيئي سوغات شيوارام جي.

٢- پريم ۾ پنهنجو ڪري هن قرب ۾ قابو ڪيو،
اَج اَچي ٿي ياد اُهڙي ذات شيوارام جي.

٣- برهمچاري هو، مگر هن لوڪ سان ناتا ڳنڍيا،
ٿي رهي هردي اندر بس تات شيوارام جي.

٤- ڪيترا ساڌو سڌارڪ ٿيا، مگر هوءَ هو الڳ،
خلق ۾ خالق بڻي، جذبات شيوارام جي.

٥- ياڳ يڳتيءَ جو پرن سان پيلواڙي ۾ ڪٽي،
جو رچيو مانڊاڻ ٿي، خيرات شيوارام جي.

٦- جي سکيائون هن ڏنيون ڪيئن وڃن وسري اُهي،
وچن واٽي سان شروع، پرڀات شيوارام جي.

٧- مان نمان، هر هر نمان، نمندو رهان هنجي اڳيان،
جنهن جي نيڻن ۾ لڪل جذبات شيوارام جي.

● ليلا تنهنجي آهه اٿاهه

(١)

پرين سان پيارا آندءِ،
پنهنجي ڏام کي خوب سجايئه،
خواب حقيقت ۾ سمجهايئه،
وقت وقت جي رمز ٻڌاءِ،
آهين اهڙو شاهنشاهه،
ليلا تنهنجي آهه اٿاهه.

(٢)

ڪوڙ جو پڙدو لاهڻ چاهيئه،
سچ جو راز ٻڌائڻ چاهيئه،
ڪنهن کي ڪين منجهائڻ چاهيئه،
هر پل جاپ جپائڻ چاهيئه،
سائين شيوارام ملاح،
ليلا تنهنجي آهه اٿاهه.

(٣)

من جو ميل مٽايئه بابا!
ڏيان هريءَ سان لاتئه بابا!
سوڪيم ساز وڄايئه بابا!
پرميشور پرچايئه بابا!
هيڻن جو بابا همراهه،
ليلا تنهنجي آهه اٿاهه.

١٥-

مهر ڪندو پيو مالڪ

"هري هري" هروار پڪاري، "هري" سندس جذبات ۾ آ،
هري پيو هر راهه ٻڌائي، "هري" سندس هر بات ۾ آ.

(١)

ٻنڪڙ منهنجي وس کان ٻاهر، هوءَ پنهنجي دڳ لڳائيندو،
اونده مان شل ڪيندو ٻاهر، جو ته سدا پرڀات ۾ آ.

(٢)

ڪوڙ ڪپٽ کان پري ڪيائين، سڪ جو سالڪ ٻڌي پيو،
مهر ڪندو پيو منڙو مالڪ، پيار سندس خيرات ۾ آ.

(٣)

مان ڇا آهيان، ڪرڻو ڇا ٿم، هو منهنجي پرگهور لهي ٿو،
مونکي گيان ٻڌائي هردم، رحم سندس هر لات ۾ آ.

(٤)

ڪتن ڪمن کان پري هٽائي، پاپ کان پلئه ڇڏائي ٿو،
هن جي اهڙي سرس سڃائي، آدم پريءَ سوغات ۾ آ.

(٥)

رکي ڀڳينو من ٿي مون، سڀ اڙپيو پنهنجو هن کي آ،
منهنجا ڪم سڀ پورا ٿيندا، جيڪي ٻه خيالات ۾ آ.

(٦)

شرڌا مون سڀ پنهنجي گهوري، هنجي پيو آسيس گهران،
پياسي آءٌ صدين جو آهيان، اهوئي منهنجيءَ ذات ۾ آ.

☼ اُستتي ☼

ـ لنوءَ آندر جا لوچ ـ

جڳ يوگيشور ڏين ڏيال،
ڪرپانڌان ـ جڳ پرتال.

وارون وار ڪريان نورت،
منهنجي رکندو پاڻ ٿي پت.

برهما هريءَ جو اوتار،
شرڻاگت لاءِ تارڻ هار.

انترِيامي برهم الک،
اندر باهر هو سمک.

پورڻ ڪر تون ڪري سهاءِ،
هن وقت ڪنهن لاءِ ڪمي نہ آهہ.

چتر ڀوج، من جو مختار.
هر نراڌار جو آ آڌار.

هو ڄاڻي ۽ مان اڻ ڄاڻ،
پاڻ ڏگمبر پاڻ سڄاڻ.

(۴)

ٻرهم گيان جي وات ٻڌائج،
من جي شنڪا سڀ لاهج،
ڌرم ڪرم ۾ اڳتي آڻج،
ڀرمين جا ڀؤ ڀولا لاهج،
تو تان پنهنجو گهوريو ساهه،
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

(۵)

جيڪو منش هو اڳ ماندو،
ان کي دکن سڀنين تي آندو،
ڀڃي وڃ ڀرمن جو پانڌو،
تنهنجو جادو هو هيڪائيندو،
ڏيندين سائين ڀاڳ پناهه،
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

(٦)

"سڏ ۾ سڏ" ملائيندين شل!
هڏ سان هڏ لڳائيندين شل!
ڀاڳ سان ڳڏ هلائيندين شل!
هن جو مڏ مٽائيندين شل!
منهنجا بخش ڏوهي گناهه!
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

تارڻ هار سوامي سائين،
سٽي ڀيو سڏ پاڻ سدائين.

جنم مرڻ جو ڊپ تو لاهي،
ٻاجھ ڀريو ٻاجھارو آهي.

ڀري ڀنڊارو ڏئي سنيھ،
اهڙو هو اوتاري هيءَ.

قدم قدم تاري ڪرتار،
سڀ کي ڏئي هڪ جهڙو پيار.

ڀيڙائن کان پاڻ اُتاري،
ٻڌ لڌڙ پاپي، ڪامي، تاري.

هرڪنهن جي هو ڪري ٿو واهر،
رکيا ڪري ٿو، اندر ٻاهر.

سنڪٽ ڪاٽي سهج ڪري،
ڪوبہ نہ هن کان پلڪ پري.

سپدا هو ساکياٽ ڪري ٿو،
هر ڀيڙا کان ماٽ ڪري ٿو.

سگهڙا ڏاڳا ڏئي ٿو ڏاتر،
جل ڀيوٽي دوکين ڪاتر.

هن جو هيڏو پراپڪار،
ديڻ ديالو هو داتار.

راڄ ڌڻي ٻرپو ساکيات،
جنهن جي تن من ۾ آ ڌات.

رڌي سڌيءَ ۾ ٻريم اَپار،
اُنتي مڪتيءَ جــو ڀنڊار.

پاڻ دکن جو لاهي ڏُنب،
ڪري سکن جو هو آرنڀ.

شڪر جيڻ سنڀاريو تــي،
۽ وشٽوءَ وانــگر تاريو تــي.

جنم مرڻ جو ڀؤ سنساري،
مهر ڪئي تي پاڻ پياري.

سنساري مايا کان مڪت،
اندر اونهو - ماڻ مهنت.

هن جــي ليــلا هئي ٻــر ٻل،
سنت سروڻي هئا ڀهتل.

ڪيڪار ينڊو چئي "ستنام"،
هريءَ جو هر هر ڏني پيغام.

ناٽ ڪئي هرڪنهن تي مهر،
هن کي هئي هرڪنهن لاءِ ڀهر.

هردي ۾ ڌاري ستنام،
ٻوڃي گر پنهنجي هو نام.

آدي ۽ وياڌي ۽ کان هو دور،
ڪو نه اُپاڌي ۽ جو ڪو ٻُور.

هن کي هر نعمت جي ڄاڻ،
هو نر پاڻ سدا نرماڻ.

جنهن ئي هنجي ڄاڻ کي ڄاتو،
تنهن ئي سچ پچ کيس سڃاتو.

ڇا جو جيون - ڇا جو مرڻ،
کيس سدا سائين ۽ جي سرڻ.

گرو گياني هو سپريم،
رحم ڪيائين ٻٽي رحيم.

دس ڏگمر روپ انيڪ،
روپ روپ ۾ سندس وويڪ.

ڪين چڙهيس مايا جو رنگ،
هن لاءِ مايا جڻ بي رنگ.

تڏهن ته هن لاءِ لوچين لوڪ،
ٻر ۽ ٻحر ۾ ڦاڙين ٻوڪ.

هو ته ديالو پاڻ عجيب،
هر هردي جو ٻٽيو حبيب.

اڻ ڪٿ هر لاءِ هن جو پريم،
مشڪي ٻولڻ هن جو نيم.

سدا رهيو سڀ جو آڌار،
هر جانيءَ سان هنجو پيار.

پيڙا ڪان ٿيا ڪين دور،
لاٿائون هر ڪنهن جا سور.

هري ڀڳت لاءِ سو رگهوناٿ،
دک سک ۾ سڀني سان ساٿ.

جيڪو ٿو هر وار نمي،
ڪڏهن نه ان جو وار لمي.

هو ٿي هڪڙو ساڌ سروپ،
مانس ديهه ۾ هنجو روپ.

لکل هئي هنجي ڪرامت،
سچ پچ پريو هو ساڪيات.

مشڪي مشڪي ڏئي آسيس،
هو ٿي دين بندو درويش.

رام ڪرشن جان ڪري ڪمال،
پنهنجيءَ هر ليلا سان نهال.

رحمت وارو پاڻ رحيم،
ڪرامت وارو هيو ڪريم.

ضروري درستيون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٢	٤	تـو	تم
٢	٥	لکيائين	لکائين
٣	١٩	نظم ني	نظم
٥	١٥	اُها	اُهاءِ
٥	١٢	جاڙ	ٻاڙ
٦	٩	ڙ	ڇوڙ
٨	١	نيار	نياز
٩	٤	کيڙو	کيڙيو
٩	١٧	رام ٻاڙ	وام ٻاڙ
١٦	١٠	يابا	بابا
١٩	١٧	لقظ	لفظ
٢٢	٦	سايي	اَمر جي
٢٥	٣	مکيو	مليو
٢٧	٢١	جهڳٽيا سين	جهڳيا سين
٣٦	١٣	مدايون	چون مدايون
٣٧	٤	ٻاڏائين	ٻاڏائين
٣٨	٢	مورت	صورت
٣٩	١	باعن	باغن
٤٥	١٧	ٽڙفن	ٽڙقن

نيم ٽيم ۾ پورڻ سائين،
اُٺندي وهندي "هري" چيائين،
مالڪ مانجهي مور ملاح،
هرڪنهن لاءِ هو شاهن شاهه.

وارون وار وڃان ٻلهار،
مونکي بس هنجو آڌار.
ٽمت نمي شل منهنجو سيس،
مون تي هنجي ٿئي آسيس.
اُنيوي هو هيءُ داتار،
هر ڪنهن جو هو پالڻهار.
پياسيءَ جي آ پياس سديو،
جڳ جڳ، جڳ جڳ، جڳ گرديو.

— ڪمل پياسي

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٤٦	١٨	مڪڙ	من
٤٨	١	پڙ	پڙ آ
٥٢	١٠	ٻر	ٻيڙ
٥٢	١١	ٻٽر	ٻيٽر
٥٤	١١	اڙ زنگا	اڙا زنگا
٥٥	٤	پوء	ٻوء
٥٦	١٣	دکي	اھوئي
٦٠	١١	منھن	موھ
٦٢	٤	ڪنر	ڪنب ۾
٦٣	٤	پورپ	ٻورب
٦٤	١٩	عضبي	غعبي
٦٨	٧	ٻڙي	پڙي
٧٣	٦	من	ھن
٧٦	١٥	شدوائي	شدواڻي
٧٧	١١	مھت	ڌارڙ
٧٩	٦	رامن	راھن
٨٨	١٦	ھن	من
٩٠	٩	سيساري	ويساري
٩٢	٥	ڪين	ڪيئن
٩٢	١٣	ڪرامت	ڪرامات



રસસભર તાજા,
સ્વાદિષ્ટ તથા
વિટામીન યુકત....
નવીન
RAMA-G
Glucose
ફોન: ૮૧૭૩૮
૮૧૭૩૯
રામા-G
રામા કન્ફેક્શનરી વર્કસ
અમદાવાદ- ૩૮૨૩૪૫.
ગ્લુકોઝ બીસ્કીટસ